اهم نقطا ۽ سفارشون

مقامي حڪمراني کي ڪمزور ڪرڻ:سنڌ لوڪل گورنمينٽ نظام 2013 جو جائزو

ڊاڪٽر نياز مرتضيٰ انسپائرنگ پاڪستان ۽ ڊاڪٽر سعيد احمد رڌ قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد

پبلشرز :انسپائرنگ پاڪستان ۽ پائلر ڪراچي
تفصيلي رپورٽ**nmurtaza@inspiring.pk** يا **www.inspiring.pk** تان حاصل ڪري سگهجي ٿي.

ڪميونٽيز جي اختيارين کي وڌائڻ ۽ لساني مت ڀيد کي گهٽ ڪا سنڌ لوڪل گورنمينٽ سسٽم 2013 بنيادي طور مڪاني سهولتن جي فراهمي، گهٽ ڪرڻ لاءِ دير وارو پر هڪ صحيح قدم آهي. مقامي حڪومتن جو نظام هڪ چونڊيل حڪومت جي دور ۾ متعارف ڪرايو ويو جنهن ۾ اهم سياسي جماعتن جي مقامي حڪومتن تي حق ملڪيت جي مڃتا ٿي، مقامي حڪومتن جون چونڊون به جماعتي بنيادن تي ڪرايون ويون، جيڪو قابل تعريف آهي، هن نظام ۾ ٻهراڙي علائقن ۾ مقامي حڪومتن جي اختيارين جو واضح انتظام فراهم ڪيوويو آهي، پرهن جائزي اهڙي مسئلن جي نشاندهي پڻ ڪئي آهي، جنهن جي ڪري مقامي حڪومتن جي ٽيڪنوڪريٽ ۽ سياسي معيشت جي هدف کي حاصل ڪرڻ لاءِ ان ۾ اقتدار جي منتقلي ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو ويوآهي.

سياسي اختيارين جي هيٺين سطح تائين منتقلي

نه ئي سنڌ لوڪل گورنمينٽ2013 ايڪٽ ۽ نه ئي پاڪستان جي آئين ان ڳالھ کي لازمي قرار ڏنوويو آهي ته جيڪڏهن مڪاني نظام جي مدت ختم ٿي وڃي يا ان کي وقت کان پهرين ٽوڙيو وڃي ته فوري طور مقرر وقت ۾ ٻيهر چونڊون ڪرايون وڃن. ان لاءِ ايڪٽ ۾ ترميم جي ضرورت آهي ته جيئن مقامي حڪومتن جي مدت ختم ٿيڻ تي 90 ڏينهن اندر نيون چونڊون ڪرايون وڃن، مڪاني ادارن جي مدت پنج سال مقرر ٿيڻ گهرجي.

سنڌ جي لوڪل گورنمينٽ جي نظام 2013 جو بنياد آئيني ترميم تي نه آهي پرسنڌ اسيمبلي مان پاس ڪيل ايڪٽ تي رکيو ويو آهي. مقامي حڪومتن جي مقررمدت جي اندر ٻيهر چونڊون، وڌيڪ اختيارين جي هيٺين سطح تائين منتقلي ۽ مقامي حڪومتن جي نظام ۾ بناجواز مداخلت کي روڪڻ لاءِ ملڪي سطح تي آئين ۾ ترميمن جي ذريعي يقيني بڻايو وڃي.

مقامي حڪومتن جي نظام 2013 ۾ تعلقا غيرموجود آهن، ضلعي ڪائونسلن لاءِ هي ڏاڍو ڏکيو ٿيندو ته هو هڪ هنڌ ويهي ضلعي جي پري پري تائين ڪائونسلز جي نظام جي سارسنڀال ڪري سگهن. ايندڙ چونڊن کان پهريائين انهن ادارن جي ڪارڪردگي جو تمام اهم ڪردارن سان ملي ڪري جائزو وٺڻ گهرجي، ۽ هن نظام ۾ موجود تمام خامين کي ختم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ننڍين شهرن لاءِ به هڪجهڙا نظام سان ڪيتريون ئي ڏکيائون پيدا ٿينديون آهن، 50 هزار تائين آبادي وارين شهرن جي پيچيده مسئلن تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڪنهن هائير لوڪل اٿارٽي جي مدد جي ضرورت ٿي سگهي ٿي. جڏهن ته ته لک تائين آبادي وارن شهرن کي يونين ڪميٽيز بنائڻ جي ضرورت ٿي سگهي ٿي، هن معاملي جو به ايندڙ چونڊن کان اڳ ڪارڪردگي جي بنياد تي تمام اسٽيڪ هولڊرز سان ملي ڪري ٻيهر جائزووٺڻ گهرجي.
ڪراچي سميت ملڪ جي ٻين شهرين ۾ فوج جي زيرڪنٽرول ڇانوڻين (ڪنٽونمينٽ) علائقن ۾ انهن جي مقامي حڪومتن جا پنهنجا الڳ نظام آهن، جنهن جي ڪري ڪيترائي منجهيل ۽ حد کان وڌيڪ مسئلا پيدا ٿيندا آهن، اهڙن علائقن کي لاڳاپيل شهر جي ميونسپل اٿارٽي جي ماتحت ڪيو وڃي.

2016 جي مڪاني چونڊن جي دوران سياسي جماعتن ڏتڙيل طبقي جي ماڻهن کي ٽڪيٽون نه ڏنيون جڏهن ته اهڙن طبقن جي لاءِ مخصوص سيٽن تي به امير ماڻهو ايوانن ۾ پير ڄمائي ويا. سياسي جماعتن کي مخصوص سيٽن جي لاءِ درخواستن جي معيار کي ٻيهر جائزو وٺڻ گهرجي ته جيئن انهن سيٽن تي اميرطبقي جا ماڻهو نه اچي سگهن، سياسي جماعتون ڏتڙيل طبقي جي ماڻهن کي ايوانن ۾ آڻڻ لاءِ حوصلا افزائي ڪن.

2013 جي قانون ۾ يونين ڪائونسل جي هيٺين سطح جي تنظيمن جو ذڪر نه آهي. ڪميونٽيزآرگنائزيشن کي پنهنجي ڪميونٽيزکي گڏ ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن اهي مڪاني نظام ۾ فعال ڪردار ادا ڪري سگهن. انهن کي يونين ڪائونسلن ۽ ان کان وڌن مڪاني ادارن جي احتساب لاءِ دٻاءُ کي وڌائڻ گهرجي.

انتظامي اختيارين جي هيٺين سطح تي منتقلي

2013 جي مڪاني نظام ۾ ڪيترائي اهم شعباصوبائي حڪومت جي حوالي ڪيا ويا آهن، جيئن ته پوليس، مڪاني ادارن جي اهم ترقياتي سرگرمين ۽ بلڊنگ ڪنٽرول وغيره. شهري ترقياتي ادارن کي به مڪاني حڪومتن جي ماتحت نه ڪيو ويو آهي. تمام ورهايل مقامي خدمتن جا حصا مقامي حڪومتن جي حوالي ڪرڻ گهرجي.

سنڌ جي وسيع لوڪل باڊيزنظام ۾ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) جا اختيار محدود محسوس ٿي رهيا آهن، صحت، تعليم، ماحوليات، ڳڏيل ترقيات، سيڪيورٽي سميت اهم شعبن جا نظام ڪي ايم سي جي حوالي نه ڪيا ويا آهن. گهٽين جي رولوجانورن ڪي ڪنٽرول ڪرڻ، سرن جي پٽڻ ۽ چوپائي مال جي واڙن سميت ڪجهه اهڙا شعبا ئي ڪي ايم سي جي حوالي ڪيا ويا آهن جيڪي بهترهئو ته يونين ڪائونسلن کي ڏنا وڃن ها. ڪي ايم سي اختيارين کي پاڻ جائزو وٺڻ گهرجي ته جيئن مقامي حڪومتن کي تمام معاملا ۽ اهم ادارن جا انتظام ڪي ايم سي جي حوالي ٿيڻ گهرجن.

ڪراچي ۾ 6 ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪميٽيز (ڊيم ايم سيز) کي خودمختيار ڪيو ويو آهي ۽ ان جو ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن سان گهٽ رابطو آهي. ڪي ايم سي ۽ ڊي ايم سيز جي اختيارين بابت مناسب نظام ٺاهڻ جي ضروت آهي. ڪي ايم سي کي ڊي ايم سيز جي نظام جي مڪمل نگراني ڪرڻ ۽ ڪنٽرول جا اختيار هئڻ گهرجن.

2013 جي نظام مطابق ميئر، چيئرپرسنز ۽ چيف ايگزيڪٽو جي وچ ۾ اختيارين جا تفصيل گهٽ ۽ اڻ چٽا آهن. هن نظام جي بهتري لاءِ چونڊيل نمائندن کي ماتحت بيوروڪريسي جي نگراني جا مضبوط اختيار حاصل هئڻ گهرجن۽ ان تفصيل واضح لکيل هئڻ کپي.

صوبائي حڪومت مڪاني ادارن کي سندن جونيئر ملازمن کي به ڀرتي ڪرڻ جا اختيارڪونه ڏنا آهن. مڪاني ادارن کي مڪمل اختيار ملڻ گهرجن ته جيئن اهي جوئينر ۽ وچولي سطح جي ملازمن کي ڀرتي ڪري سگهن،۽ پنهنجي مقامي نظام کي هلائڻ لاءِ لوڪل گورنمينٽ جي ادارن جي ملازمن جون بدليون ۽ مقرريون ڪري سگهن.

2013 جي ايڪٽ جي سيڪشن 74- اي جي تحت صوبائي حڪومتن کي اختيار آهي ته اهي مقامي حڪومت جي ڪنهن به ڪم کي استعمال ڪري سگهي ٿي، بلڪه لوڪل گورنمينٽ جي فيصلن کي ختم ڪري سگهي ٿي. انهن اختيارين کي صرف مخصوص حالتن ۾ استعمال ڪرڻ تائين محدود ڪرڻ گهرجي.

سنڌ حڪومت ڪنهن به لوڪل ڪائونسل جي معاملن جي باري ۾ انڪوائري شروع ڪري سگهي ٿي. مقامي حڪومتن جي نگراني ضروري آهي، پر مقامي حڪومتن جي خودمختاري ۽ نگراني جي وچ ۾ بهتر ڳانڍاپو قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي. غير جانبدار ماڻهن کي صوبائي لوڪل گورنمينٽ ڪميشن تي مقرر ڪرڻ جي ضرورت آهي.

مقامي ڪائونسلر جي آفيس، تربيت جي فراهمي ۽ ملازمت جي تفصيلن جي وضاحت نه آهي، ايتري قدر جو ڪميونٽيزکي مقامي حڪومتن جي ڪم ڪارۓ طريقيڪار جي باري ۾ گهٽي ڄاڻ نه آهي. ڪائونسلرز کي انهن جي ڪمن جي تفصيلات، آفيس، تربيت، ڪميونٽيز جي طرفان احتساب جي طريقيڪار جا تفصيل فراهم ڪياوڃن، خاص طور تي گهٽ آمدني وارن ڪميونٽيز ۾ مڪاني ادارن بابت جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي.

مالياتي اختيارين جي هيٺين سطح ڏانهن منتقلي.

مڪاني ادارن کي فنڊز فراهم ڪرڻ لاءِ صوبائي فنانس ڪميشن ٺاهي وئي آهي، پر ان ۾ مخالف ڌرُ ۽ لوڪل گورنمينٽ جي آفيسرن جي موجودگي ناڪافي آهي ۽ هي ادارو مڪمل طور تي فنڪشنل به نه ٿي سگهيو آهي. ان ناٽي واري ڪميشن کي فعال ڪيو وڃي جنهن ۾ مخالف ڌر ۽ مقامي حڪومتن جي نمائندن کي وڏيڪ اهم ڪردار ڏيڻ گهرجن.

ڪي ايم سي کي گڏ ڪرڻ وارن ٽيڪس جو تعداد ٻين لوڪل باڊيزڪيڏنل ٽيڪسزجي انگ کان به گهٽ آهي، جڏهن ته حقيقت هي آهي ته ڪي ايم سي هن وقت سنڌ جي تمام مقامي حڪومتن ۾ سڀ کان وڏو ادارو آهي. ڪي ايم سي ۽ ڊي ايم سيز جي وچ ۾ ٽيڪسز جي وصولي جي نظام جو ٻيهر جائزو ورتو وڃي، ان کي اهڙي طرح جوڙيو وڃي ته جيئن تمام ادارن کي ان جي ذميوارن مطابق فنڊز ملي سگهن.

هاڻي به مقامي حڪومتن جي مختلف سطحن جي وچ ۾ مالياتي ورهاست جي معاملن ۾ مونجهارو موجود آهي ۽ اهو به واضح نه آهي ته ڪنهن کي ڪنهن ٽيڪس جي وصولي جي اصل ذميواري آهي. مقامي حڪومتن جي سڀني سطحن جي وچ ۾ مالياتي اختيارين کي واضح انداز ۾ بيان ڪرڻ اهم آهي.

شهرن جي اڪثر آبادي ڳوٺن ۽ ڪچين آبادين ۾ رهندي آهي، جتي ميونسپل سهولتن جو معيار بهتر ناهي هوندو. اهو ضروري آهي ته سٺي معيار جي ميونسپل سهولتن جي فراهمي لاءِ انهن علائقن لاءِ مناسب فنڊ فراهم ڪيا وڃن.
لوڪل ڪائونسلرز خاص طور مخالف ڌر سان تعلق رکندڙ ميمبر بجيٽ جي اڪثر معاملن کان بي خبر هوندا آهن.انهن کي پائيواري جي سجاڳپ واري عمل ۾ اهم ڪردار ڏنو وڃي. ۽ خاص طور تي وچولي طبقي جي نمائندن کي سالياني بجٽ ٺاهڻ جي عمل ۾ شامل ڪرڻ گهرجي، انهن جي بجٽ پرپوزل کي ترجيح ڏيڻ گهرجي.